**ڊاڪٽر عصمت فاطمه ويسر**
گورنمنٽ ڊگري ڪاليج، ٺٽو

# ويراڳي فڪر ۾ گوشه نشينيءَ جو تصور

# CONCEPT OF MEDITATION IN VERAAGI (DEVOTIONAL) SINDHI POETRY

**Abstract**

Sufi saints are our spiritual leaders; they guided us through their practical work and philosophical thoughts. Meditation is important part of their lives. They avoided participating social gatherings based on class division, where poor were insulted by wealthy peoples.

In this research paper, I have described with proper references, that how Sufi poets deal with the life, and created devotional ascetic poetry. Concept of meditation was to gave relief to soul, and to think about the betterment poets created peace, love and harmony to make the society free from the racial hatred.

ويراڳي صوفي شاعرن هميشه اڪيلائيءَ کي اهميت ڏني آهي. گوشه نشينيءَ جي پرسڪون ماحول ۾ ئي هو مراقبو ڪري، محبوب جو مشاهدو ماڻيندا آهن. ماڻهن جي گوڙ گهمسان کي هو پسند نه ڪندا آهن.

جتي ماڻهن ميڙ، اُتي مان ناهيان.[1]

انهيءَ اڪيلائيءَ لاءِ هو اهڙا ماڳ تلاش ڪندا آهن، جتي هو پاڻ سان ڪچهري ڪري سگهندا آهن، پاڻ کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پوءِ خود شناسيءَ واري مرحلي کان ٿيندا هو خدا شناسيءَ واري منزل تي رسندا آهن. هنگلاج، لاهوت، سيوهڻ ۾ اهڙا ئي ٻيا مراقبي وارا هنڌ، سامين، جوڳين ۽ ويراڳين کي پسند هوندا آهن. هو فراريت پسند ناهن، پر روحاني سُک واسطي انهن لاءِ شانت ايڪانت ضروري آهي. شاهه ڪريم جو هي بيت ويراڳ جي

فلسفي ۾ مفهوم کي مڪمل طور اُجاگر ڪري ٿو:

وَرُ سا سُڃي ويڙ، جتي سڄڻ هيڪڙو،
سو ماڳوئي ڦير، جتي ڪوڙ ڪمازوئين.(2)

اُها سُڃي ۾ ويران جاءِ بهتر آهي، جتي دل گهُرئي محبوب جو وصال نصيب ٿئي. غير ضروري ۾ بيڪار ماڻهن جي هجوم کان پاسو ڪرڻ کپي. جن جو ڪردار بهتر ناهي، جن جي محفل دل جي بيچينيءَ جو سبب بڻجي، انهن کان پاسو ڪر. ان کان بهتر آهي تہ گوشہ نشيني اختيار ڪر. هڪ ويراڳي ۾ صوفيءَ کي پنهنجو مَنُ اُجرو رکڻو آهي. روح کي اطمينان ڏيڻو آهي.

اسانجن صوفين ويراڳين واري گوشہ نشيني، هندو مت جي يوگين کان ڪجهہ مختلف آهي. شانت ايڪانت واري ان اڪيلائيءَ ۾ عشق محبت وارين رمزن کي پڻ پوشيده رکڻ جي تلقين ٿيل آهي. محبت کي اندر ۾ لڪائڻو آهي، ٻاهر ٻاپ ناهي ڪڍڻي.

نِهائينءَ کان نينهن، سِکُ منهنجا سپرين،
سڙي ساڙو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري.(3)

اڪيلائيءَ ۾ محبت کي اندر ۾ لڪائڻ واريون ڪيفيتون سيني ويراڳي شاعرن جي ڪلام ۾ موجود آهن. اهي ويراڳي جيئن تہ پنهنجي ڪلام توڙي عملي زندگيءَ ۾ هڪجهڙا آهن، انڪري انهن جي قول ۾ فعل ۾ ڪو فرق ناهي. اها ئي انهن جي انفراديت ۾ برتري آهي، جيڪا انهن کي عام ماڻهن کان مٿانهون ۾ قابل احترام بڻائي ٿي.

اسماعيلي داعين بہ انسانن جي رهنمائيءَ لاءِ گنانن وسيلي، شانت ايڪانت جو درس ڏنو ڇو تہ دنياوي معاملا ماڻهن کي دولت ۾ دنيا داريءَ جي موهہ ۾ اهڙو ڦاسائي ڇڏين ٿا، جو انهن کان زندگيءَ جو اصل مقصد وسري وڃي ٿو ۾ هو مايا جي چڪرن ۾ سرگردان رهن ٿا.

دنيا پريت نہ ڪيجئي، انتي راڪو دين سُون نينهن،
دنيا دن چار ڇي، انني دين نہ ديوي ڇيهہُ.(4)

پير صدرالدين ان گنان ۾ فرمائي ٿو تہ دنيا سان گهڻي محبت نہ ڪر، پر دين سان محبت رک، جنهن لاءِ ايڪانت ۾ اچي، پاڻ کي دنيا جي خرافات کان بچاءِ، ڇو تہ اِها چئن ڏينهن جي عارضي دنيا آهن، جڏهن تہ دين، وقت کان آزاد

آهي، جنهن جي ڪا انتها ناهي.

قاضي قادن جو ويراڳي فڪر بہ گهڻو وسيع آهي. سندس شاعريءَ جو هڪڙو پهلو اهو بہ آهي تہ هو پنهنجي محبت کي لڪائڻ جي تلقين ڪري ٿو. ٻاهر ٻاپ ناهي ڪيڏي، اندر ۾ پڇڻو آهي.

روئي مَر ڪر پڌرو، هٿ منجهيئي حال.
جان جان پريان نہ مڙين، تَنُ، ڪائيءَ جئن پال. (5)

شاهہ لطيف جي انهن ابيات ۾ محبت کي اندر ۾ لڪائڻ جا خيال بيان ٿيل آهن. نهائينءَ جو استعارو استعمال ڪيو ويو آهي. اندر ۾ لڇڻ، ڦٿڪڻ پر ٻاهر ڪجهہ بہ ظاهر ناهي ڪرڻو. ڪُسي ڪباب ٿيڻو آهي، پر ڪُڇڻو ناهي. اهي سڀ اُهڃاڻ اُنهن سامين ۾ جوڳين جا آهن، جيڪي گوشہ نشيني اختيار ڪري، تن اندر ۾ پچرن ٿا. پرينءَ جي تاتِ اٿن، پر ڪُڇن پُڇن ڪين ٿا. ڪنهن سان اندر جو احوال بہ نٿا ڪن. عاشقن جو اهو وڏو امتحان آهي تہ دل جا راز پاڻ وٽ محفوظ رکن. انهن منزلن کان پوءِ ايندڙ منزل محبوب سان وصال جي آهي.

“انساني فطرت خوشيءَ ۽ غم کي پنهنجي اندر ڪنهن حد تائين برداشت ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي. جڏهن اها حد گُذري وڃي ٿي تہ اُهي جذبا فنا ٿي وڃن ٿا، ليڪن شاهہ لطيف پنهنجن ڪردارن جي تشخص ۾ هڪ اهڙي قسم جي قوت پيدا ڪري ٿو جنهن ۾ هو ڪٿي بہ اُبهرا نظر نٿا اچن. اُنهن جو وجود پنهنجي گوندر ۽ ورهہِ کي هڪ اهڙي مقام تي رکي ٿو جو هنن جو پيمانو ڪٿي بہ ڇُلڪندو نظر نٿو اچي.” (6)

گوشہ نشيني ۽ محبت کي اندر ۾ لڪائڻ ۽ ڏکين کان ڏکين حالتن ۾ بہ اندر جي آهہ کي ظاهر نہ ڪرڻ ۽ ان کي برداشت ڪرڻ ئي ويراڳين جو ڪم آهي. اهڙو ئي رنگ شاهہ سائين پنهنجن ڪردارن ۾ ڀريو آهي، جو اهي هر حال ۾ ثابت قدم نظر اچن ٿا ۽ ڪٿي بہ مايوس يا نااُميد ٿي سچائيءَ وارو رستو ڪونہ ٿا ڇڏين. اها سهپ ۽ خاموشي انهن ڪردارن کي عظيم بڻائي ٿي ڇڏي.

آهي عشاقن جو مذهب مشتاقن،
جي ڪڏهين ڪين ڀَسن، هيئين سين هوتن ري. (7)

خواجہ محمد زمان عاشقيءَ ۽ ويراڳ جي منزل جو امام آهي. سندس افڪار عشق جي تشريح آهي. مطلوب جو مذهب ئي طالب جو رستو آهي. هو پنهنجي محبت عام اڳيان عيان نٿا ڪن. اڪيلائي ۾ سانت ڪين سڪون ميسر ڪري ٿي، جنهن ۾ هو محبوب جو مشاهدو ڪن ٿا.

سچل سرمست بہ هجومن ۾ ميڙاڪن کان پاسو ڪندڙ ويراڳي ولي ۽ شاعر آهي، جنهن وٽ هيڪلائيءَ جو پنهنجو جهان آهي، جتي سڀ ڪجهہ آهي، جيڪو سندس من گهري ٿو دل طلب ڪري ٿي. هر ويراڳيءَ جيان اندر جي راز کي لڪائي ٿو ۽ اهڙي تلقين طالبن کي ڪري ٿو. اندر جي دونهين اندر ۾ دُکائي رکي ٿو. ان جي نمائش نٿو ڪري، جيڪو سندس اندر ۾ آهي.

آهہِ علاج نہ ڪوئي،
هن اکن ماري آهيان،
ڪنهن کي سليان سرتيون، حال اِهو روئي،
ڦَڪيون، پُڪيون لکين هزارين، ڪونہ طبيبان توئي.[8]

—

ويراڳي شاعرن جي سلسلي جو اهم شاعر سامي صاحب بہ آهي، جنهن جا سلوڪ، سانت ايڪانت ۾ ويراڳ جو درس ڏين ٿا، جنهن کي گيان يوگ بہ چون ٿا. سامي ويدانتي شاعر آهي، جنهن جون روايتون هاڻ نہ رهيون آهن. تصوف جي فڪر کان بہ ماڻهو دور ٿيندا ٿا وڃن. ساميءَ جا سلوڪ گيتا جي گيان سان پرپور آهن. انهن تي ڌرمي رنگ بہ نمايان نظر اچي ٿو. خواهشن کي روڪڻ ۾ ويراڳي بڻجڻ هر ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهہ ناهي. انهن سيني روحاني تسڪين وارن احساسن جي حاصلات لاءِ ڪامنائن ۾ خواهشن کي روڪڻو پوي ٿو. اڪيلائي ۾ روحاني گوشہ نشيني انهن کان بچائي ٿي. سامي فرمائي ٿو:

ايڪانت ري اهنڪار، ڪنهن جو متيو ڪينڪي،
سمجهي ڏس سامي چئي، تون ڪري سڌ ويچار،
تہ ساڪي سرجڻهار، ڏسين ساريءَ وَس ۾.[9]

—

”سامي صاحب وئراڳ ۾ تياڳ تي زور انهيءَ ڪري ڏنو آهي جو سمجهي ٿو تہ اِهي پرين پائڻ جا وسيلا آهن، پر پرين پائڻ بہ اڳيان

آهي، اهي پاڻ سجاڻ جا وسيلا آهن.“[10]

نانڪ يوسف جي ڪلام ۾ به ويراڳ جي موٽ ۾ ٿيندڙ تبديلين جو ذڪر آهي. عشق ۾ گوشه نشيني، اڪيلائي ۽ پوءِ امتحان اندر جي ٻاڦ ڪي لڪائڻ جو. عشق دل تي ڪيترو اثر انداز ٿئي ٿو اهي گهڙيون ماتم وانگر ٻڌجيو وڃن.

دم عاشقن کي گهڙيون،
گهڙيون گذارڻ غم ۾،
ماتم هڻِ هڻِ هو ليئڙو تن، پاڻ چڪيا جن پڙيون،
اديون اڪبر طالع تن جا، محبت ۾ جي مڙهيون.[11]

—

عاشقن کي نيڻ نهوڙن، سندن عينن آڻ،
نانڪ يوسف يار تماشو پٽ پئي ڪن پاڻ.[12]

”نانڪ يوسف جي ڪلام ۾ سنڌي شاعريءَ جون صوفياڻيون روايتون موجود آهن. پر هن تصوف جي پيچيدگين کي شاعريءَ ۾ آڻڻ لاءِ پراڻا طريقا به استعمال ڪيا آهن ته پنهنجي لاءِ نت نوان رستا پڻ گهڙيا آهن.“[13]

خوش خير محمد هيسباڻي فقير به سچل سرمست، روحل، نانڪ ۽ ٻين ويراڳين جي روايتن کي اڳتي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. تصوف جا اڪثر موضوع سندس ڪلام جو حصو بڻيا آهن. جنهن مان عشق، اڪيلائي ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ درد جو احساس ۽ پوءِ انهن ڪيفيتن کي اندر ۾ سانڍڻ ڪنهن سان اظهار نه ڪرڻ واريون روايتون، فقير خوش خير محمد جي ڪلام جو حصو بڻيون آهن. جن سان هن بهتر انداز ۾ نباهيو آهي.

عشق تنبو طولان ڪٽي، آڻي کوڙيا،
سوز درد سامان آڻي جنگ جوڙيا.

—

عشق حسن ڪري حملا آيو
سڌڙين پهرين سٽ سڏايو
ڪُپي بينا خان، نه تن مُنهن موڙيا.[14]

—

نيڻهن پڙهائي نماز،
عشق تي آيو امام اسان جو.
حضرت عشق اسان جو دائم،
ڏينهن قيامت تائين قائم،
نوڙي ڪيوسي نياز.(15)

ويراڳي صوفي شاعرن جيتوڻيڪ هڪجهڙن موضوعن تي اظهار ڪيو آهي، پر سڀني جو انداز پنهنجو پنهنجو آهي. عشق سندن اهم موضوع آهي. عشق سان وابسته سڀني ڪيفيتن کي، جنهن ۾ اڪيلائي، گوشہ نشيني ۽ محبت کي عام کان لڪائڻ اچي وڃي ٿو سڀني جو بيان انهن جي ويراڳي ڪلام ۾ موجود آهي، جيڪو هڪجهڙو دلين تي اثر انداز ٿيڻ جو سامان رکي ٿو.

## حوالا


1. انصاري عثمان علي، "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 1982ع، ص 61.
2. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، "شاهہ ڪريم جو ڪلام"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2007ع، ص 189.
3. آڏواڻي، ڪلياڻ، "شاهہ جو رسالو"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1997ع، ص 231.
4. خواجہ نور افروز ڊاڪٽر (مقالو)، "قومي ادبي ڪانفرنس"، سومرا دؤر، سنڌي شعبو ڪراچي، 2010ع، ص 18.
5. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، "قاضي قادن جو رسالو"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1999ع، ص 150.
6. ڪاشف محمد حسين (مقالو)، "سُر رپ—هڪ مطالعو"، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، حيدرآباد 2002ع، ص 53.
7. بدوي، لطف الله، "ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو 1964ع، ص 166.
8. انصاري عثمان علي، "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 1982ع، ص 163.
9. جوڻيجو، محمد ابراهيم، "ساميءَ جا سلوڪ"، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور، 2015ع، ص 737.
10. ناگراڻي، پروفيسر، "ساميءَ جا سلوڪ"، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور 2015ع، ص 740.
11. عباسي، تنوير، "نانڪ يوسف جو ڪلام"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو 2014ع، ص 126.
12. ايضاً، ص 77.
13. ايضاً، ص 44.
14. عباسي، تنوير، "ڪلام خوش خير محمد هيسباڻي"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 1998ع، ص 76.
15. ايضاً، ص 74.